آهي. اتي جاكوڙين جي سسين وڍجڻ جي ريت ۽ رنگ آهي. انهيءَ ميدان ۾ هزارن منجهان كو هڪ اهڙو هوندو جيكو ناتو نباهيندو ۽ محبت جي لڄ ركندو. عشق ڄي نانگ تي كو بہ فتح حاصل ڪري نٿو سگهي. عشق ۽ نانگ جي گهاءَ جي صحيح خبر انهن كي ئي پوي ٿي جن كي اُن ڏنگيو آهي.

محبتَ جــي ميــدان ۾، اَڃــي پيــرَ پيــاءِ
سِــرُ وَڍِڻُ، ڏڙُ ڏارُ ڏَرڻُ، اِي سِــينگارَ سَــنداءِ
ڏِينــدا مُــون ڏِٺــاءِ، مَتــا مَعَشُــوقَنِ لَئــي.

تون قربانيءَ جي جذبي سان محبت جي ميدان ۾ جڏهن اچي چكو آهين. تہ پوءِ پنهنجو سر وڍائڻ ۽ ڌڙ كي سر كان ڌار كرڻ وارا عمل تنهنجا زيبائتا ۽ ٺهكندڙ سينگار آهن. توكي ٿو ٻڌايان تہ مون سڄي انساني تاريخ ۾ سچا عاشق ايئن ئي محبوبن جي رضا خاطر سِر ڏيندي ڏٺا آهن.

محبتَ جــي مَيــدانَ ۾، كَــرِ پَــڙاڏو پَــٽُ
سِرُ سُورِيءَ، ڌڙُ كُنگرين، مَتان كُڇِين كَٽُ
عِشــقُ نانــگُ نِپَــٽُ، خَبَــرَ كــاڏَن كــي پَــوي.

Gul Hayat Institute

اي عاشق! محبت جي ميدان ۾ ايڏي آواز سان هوكو ڏي جو تنهنجي آواز سان پٽ مان بہ ان آواز جي گونج اچي ۽ چوڌس ان جو پڙاڏو ٻڌڻ ۾ اچي. توكي عملي جدوجهد جي دوران پيش ايندڙ ايذائن كان وٺي سوريءَ سيج بنجڻ تائين كيتري بہ قرباني ڏيڻي پوي تہ بہ تو كان كا ٻڙك، دانهن ۽ آهہ ٻاهر نہ نكري. جنهن كي ان عشق جي چوٽ لڳل آهي سو ئي ان جي خبر ركي ٿو ۽ وڏي كان وڏي قرباني ڏيڻ جي لاءِ تيار ٿي وڃي ٿو.

۽ درمان ڪيان ٿو انهن دردن ڪان آجي ٿيڻ لاءِ منهنجي طبيب وارا غيرفطري علاج جا طريقا ڪارگر ڪونہ ٿا ٿيڻ، ويتر هاڃيڪار ناسور بنجڻ ٿا نتيجي ۾ منهنجو پيارو پرين ان ناسور ڪان بچڻ لاءِ زخمن ۽ سورن تي پڌل لپريون ڇڪي چني ٿو ڇڏي.

پيا ٻوهي هيڪارَ، مون ڪي پُڇيو سَچَڻين
”اَلستُ بِرَبِڪُمر“، چَيائُون جَنهِ وارَ
سَندِي سورَ ڪِنارَ، تَنَ تَڏَهانڪُون نہ لَهي.

هڪ ڀيرو جڏهن منهنجي حقيقي سڄڻ پنهنجي مهر ۽ ٻاجه وچان مون سان مخاطب ٿي مون ڪان پڇيو. هو تہ: ’ڇا، آءٌ اوهان جو مالڪ ۽ پالڻهار ناهيان؟‘ ان وقت وڏي نيازمنديءَ سان منهنجي ’روح‘ اقرار ڪيو هو تہ ’هائو‘ بالڪل. تنهن ويل ڪان وٺي جڏهن مان پنهنجي رب سان ڪيل ان اقرار کي پورو نٿو ڪيان تہ منهنجي روح جي بيتابي ختم ئي نٿي ٿئي ۽ منهنجي اندر جا درد ۽ اهنج اپامندا رهن ٿا. تنهن ويل ڪان روح کي ان ذات حق ڪان ويسلائي جي درد ۽ سوز واري سختي لڳي ٿي اچي.

Gul Hayat Institute

پيا ٻوهيو پُڇَنِ، ڪِٿي هَٿُ حَبِيبَ جو
نيزي هيٺان نِيهَ جِي، پاسي پانُ نہ ڪَنِ
عاشِقَ اَجَلَ سامُهان، اُنچي ڳاتِ اَچَنِ
ڪُسَڻُ قُربُ جَنِ، مَرَڻُ تَنِ مُشاهِدو.

جنين کي قابلو بليٰ جو اقرار ياد آهي ۽ دلئون چيائون تہ ”تون اسان جو مالڪ ۽ رب آهين.“ سچا عاشق سدائين خوشي ۽ سرهائي مان اهو پيا پڇن تہ: محبوب سڄڻ جي رضا ۽ محبوبيت وارو هٿ ڪٿي آهي؟ پوءِ هو ان رضا ۽ محبوبيت جي حاصلات لاءِ موت جي منهن ۾ هميشہ سينو ساهي ٿا بيهن. اهي

ڪَڙيون ٻڌي، ڪومائجي ويا هئا.  جو مٺان وريٖ اڻچاڻ ويڄن جي رهنمائي ويڳاڻپ جي ور چاڙهي ڇڏيو. تان جو منهنجا ڦٽ اڪلي پيا. انهن جي ڪويڄائي نسورو منهنجي زندگيءَ کي سور، آزار ۽ ڏنڀ ڏئي ڇڏيا.

طنبُــــو طِبيــــبَنِ، آٽــــي اڳــــڻ ڪوڙِئــــا
دارُون هِــن دَردَ ڪــي، ڦَڪِيُــون فَــرقُ نــہ ڪَــنِ
وِرِچِئــو ويــڄَ وَڃــنِ، سُڌِ نــہ پِيــنِ سُورَ جِــي.

منهنجي بيماري ۽ ليچ پيچ ڏسي ويڄن پنهنجون پنهنجون ستيون ڪٽي پنهنجا طنبو پلاٽي اچي بالڪل منهنجي صحن تي آٽي ڪوڙيا. پنهنجي ستين تي هلائڻ جا وڏا وس ڪياؤن پر سندن ڏنل ڦڪين منهنجي هن درد ۽ سور کي ذرو بہ گهٽ نہ ڪيو. تڪجي لاچار تي آخر اهي ويڄ هليا ٿا وڃن پاسيرا تي ٿا وڃن پر ڪين منهنجي درد ۽ ان جي علاج جي ڪا خبر ئي ڪانہ ٿي پوي.

ايرينــدَڙا اِيٖ، جــي مــون ڪــي ڏِنــا سَــڄَڻين
هارِئــا تَنِــي تــي، ويــڄَ وِڃــاءِ مَر ڏِيَــڙا.

طلب جي تات ۽ جستجوءَ جا اهي ڦٽ ۽ زخم جيڪي مون کي پياري پرين ڏنا آهن، سي ايرينڌڙ آهن ۽ محبوب مقصد لاءِ جاڪوڙ ۽ جهد سان اهي ضرور ورندا ۽ ڇُٽندا.  اي نادان ويڄ! تون پنهنجن غيرمعياري نسخن واريون پنهنجون دوائون انهن تي ضايع نہ ڪر.

ويــڄَ وِڃــاءِ مَر ڏِيَــڙا، ڪَنــدا ڪونــہ فَــرقُ
مُون ڪِي تِئِا مَرڪُ، مُون پِريان جا ڏَڪَڙا.

اي طبيب! تون پنهنجي ڏِين جي جهڙا پسارڪا ٽوٽڪا ناهي، اهي ٻڪيون ڦڪيون ضايع نہ ڪر، جو اهي منهنجو درد گهٽائڻ ۽ مون کي صحتمند ڪرڻ

چـوري چَنـگُ، پَنـگُ لَهـي، حَبيـبَنِ هَنيـوسِ
پُجهـان پـاڻُ لَڳـوسِ، ڪَانـارِئو ڪَـرُ ڪَٽـي.

حق ۽ هدايت جو چنگ چوري، حق جي لاءِ قربانين جو قدر پڌائي پوءِ محبوبن ڪمان چاڙهي، پنهنجي عاشق ڪي تڙپ ۽ فدائيت جو پورو نشان ڪري هنيو. چاٺان ٿو تہ عاشق ان لاءِ آتو هو ۽ اهڙو تير لڳس، جو ڏک لڳڻ سان مٿي اُڀريو آهي.

سَـرُ جـو سَـجِئو سَـڄَـڻين، پَـرُ پيـڌيءَ ڏيـئِـي
ڪـانَ ڪَرنگهَـرُ ڪَـپِئـو، پَـڪَـنِ سِـرِ پيهِـي
جيـرا جِـگَـرِ، بُـڪِيُـون، پاسـاڙا پيئِـي
ويـڄَنئُـون ويئِـي، تِـي وَهِيـٽِـي سَـڄَـڻين.

تڙپ ۽ فدائيت جو هڪ محاذ سڄڻ منهنجي سيني ۾ مچائي پنهنجو نشانو سڌو چٽائي هنيو. تنهن جي تکي چوٽي پنهنجن ٻنهي ڪُلهن سميت اندر جو اونهون گهاءَ ڪري وجي ڪرنگهي ڪي وڌيو. پڻ جيرا، جگر، بکيون ۽ ٻنهي طرفن واريون پاسريون وڍيائين. اندر جنين اڌ وارو هي ويچارو عاشق هاٽي طبيبن جي حيلي ڪان چڙهي ويو، ۽ هاڻي هن جو معاملو محبوب مالڪ ۽ هن جو ٿي ويو آهي.

Gul Hayat Institute

سَـرُ جـو سَـجِئو سَـڄَـڻين، ٻَنگـان پَـري پـانُ
وِئـو وُجـودان نِـڪـرِي، ڪَـڙ ڪَـڙ ڪَـري ڪـانُ
تِـئا جي نِيشـانُ، سي پِهـرِئين سِـين پُـورا ٿِـئا.

پياري محبوب، منهنجي اندر ۾ تڙپ ۽ فدائيت جو هڪ محاذ مچائي جيڪو سَرُ سڌو چٽائي هنيو، سو اهڙو تہ نشاني لڳو جو جندجان مان ڪڙڪو ڪندو آرپار هليو ويو. مون ڪان اڳم جن ڪي تڙپ ۽ فدائيت جي اهڙي توري لڳي تہ اهي بہ عاشق محبوب جي تير جا ائين ئي نشانا ٿيا ۽ انهن حق جي راهہ ۾ قربانين جي تاريخ لکي ڇڏي.

سَـرُ جـو سَـڄـئو سَـڄـڻين، پيھَـرَ پـانُ پَـري
اَڇي ڇَمَڪِئو ڇوھَ مان، ڪَڙَڪَڙ ڪانُ ڪَري
جيـرا جِـگـِـرَ ٻُـڪِـيُـون، لَنگھـي پـئـو پَـري
لَـڳـو جِـيءَ جَـري، تاڻـيـان تِـيـرُ نَـه نِـڪَـري.

ايمان وارن عاشقن جون آزمائشون مسلسل آهن. هڪ نشاني ڪان پوءِ ٻيو نشانو. ٻيو نشانو وري وڌيڪ زورائتو، واڪي ۾ ڪڙڪي وارو، وڏي تڪ ۽ تيزيءَ سان اڇڻ وارو، جو جيرن، جگر ۽ ٻڪين مان لنگھي پار ويو. تان جو پڻ هانءُ چيري زور سان چُڀڻ وارو. ايترو جو ان کي زور سان ڇڪجي ته به نه پيو نڪري!

کَـھـيـو چَـنـدِبِـنِ ڪـانَ، هَـڏ نـه هَـتـائِين کِـين
تَـتـا جِـي نِيشَـانَ، سي پِـھـرِئين سِـين پُـورا تِـئـا.

پيارا محبوب پنھنجن عاشقن کي آزمائڻ جي ٻولي ڪري ڪان تا هڻن، جيئن قرآن ۾ چيل آهي ته "الله ايمان وارن عاشقن سان انھن جي جانين ۽ مالن جو سودو ڪري ڇڏيو آهي." پوءِ عاشق جڏهن ان واٽ جا پانديئڙا ٿين تا ۽ عشق جي ٻوڙ ۾ جيڪي سبقت ماڻن تا سي اول ئي نشان ٿين تا ۽ پهرين واري شهادت ماڻن تا.

Gul Hayat Institute

جِـت حَـبِـيـبَ هَـڻَنِ، پَـري نـاڪُـڪَ نِـيـهَ جِـي
تِـتَـي طَـبِـيـبَـنِ، وَجِـي وِڃـا وِسَـرِي.

پيارا پرين، جنھن دل جي مٿان محبت ۽ نينھن وارو تير تا هڻن ته ان جي دل تي ديوانگيءَ جا گھاءَ تي پون تا. اهڙا گھاءَ جو طبيبن کي طبابت ئي وسري وڃي تي ۽ هو ان قتيل عاشق جو علاج ئي ڪري نتا سگھن!

